سفرنامو

# سون ورني ڌرتي



سليمان شيخ

# سون ورني ڌرتي

(ليبيا جو سفرنامو)

سليمان شيخ

سنڌي ساهت گهر

[illegible]

[illegible]

[illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سيئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: سون ورني ڌرتي.
ليکڪ جو نالو: سليمان شيخ.
موضوع: سفرنامو
ڇاپو: ٻيو
پهريون ڇاپو: سنڌي اڪيڊمي، حيدرآباد
فيبروري ١٩٨٦ع
ٻيو ڇاپو:
ڇپجڻ جي تاريخ: آگسٽ ١٩٨٧ع
ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، الهند، ڪچو،
حيدرآباد سنڌ.
[سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ]
ڪتاب نمبر: ٻند رنهون

لکپڙهه لاءِ ائڊريس:
پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ساري ڌرتيءَ تي آ سڀ کان، سندر پنهنجو ديس
آنءُ به اُجرو، مٽيءَ به اُجرو، وڻ به اجرو ويس"

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙ اکر

اسان جي مٺڙي ۽ پياري سنڌي زبان ۾ سفرنامن جي جيڪا وڏي کوٽ هئي، اُها هاڻي آهستي آهستي گهٽبي پئي وڃي ۽ هر اچڻ وارن ڏينهن ۾، سٺا سٺا سفرناما ايندا پيا وڃن. جنهنڪري سنڌي ادب جو اهو موضوع به شاناڻو ۽ ماناڻو ٿيندو پيو وڃي. ممڪن آهي ته اڳتي هلي اسان جي ادب ۾ ان موضوع تي ايترو لکجي جو اسان ڳاٽ اوچو ڪري فخر ڪري سگهون.

تقريباً مُنو صدي اڳ، اسان جي زبان ۾ ان موضوع تي لکڻ جي شروعات ٿي ۽ اُها رفتار 'ڏکو پير پيران' جي رفتار سان وڌندي رهي. ڪيترن ليکڪن ٻاهرين ملڪن جا سفر ڪري، انهن ملڪن جا سفر ناما لکيا ته ڪيترن پنهنجي سنڌ جو سفر ڪري ان بابت لکيو. سنڌ جو جن ليکڪن سير ۽ سفر ڪري، ڪتاب لکيا، انهن ۾ پهريون نالو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جو ڪتاب 'سنڌ جو سيلاني' آهي. جنهن جو رڳو پهريون ڀاڱو شايع ٿي سگهيو. ان ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، سنڌ جي مشهور شهرن، ماڻهن ۽ بزرگن جو احوال ڏنل هو. اهو سنڌي ادب ۾ پهريون سفرنامو هو، جيڪو سنڌ بابت ٿي هو. ان کانپوءِ ساڳئي ليکڪ، شاهه جي ڪلام کي آڏو رکي، انهن جاين جڳهين جو سفر ڪيو، جتي لطيف سائينءَ ماڳ ڏٺا هئا ۽ انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪيئن نه رکي سگهجي؟ ستين آڪٽوبر ۱۹۷۰ع ۾ سياڳو ڏينهن هو، جڏهن سٺ هزار اطالوين کي پيرين اگهاڙو سڀ ڪجهه هتي ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو. هي اهي اطالوي هئا، جيڪي اڌ صديءَ کان هتي رهندا آيا. سندن موجوده نسل، اهو نسل هو جيڪو شايد هن ئي سرزمين تي پيدا ٿيو هو، پوءِ ڀلا انهن کي تڙڻ جو جواز ڪهڙو؟ هي اهي ماڻهو هئا. جن هميشه عرب عوام سان نفرت ڪئي، جنهن ڌرتيءَ تي هنن پنهنجو مستقبل سنواريو. ان ڌرتيءَ جي ڌوڙ کان منهن موڙيو. پاڻ کي هميشه عربن کان برتر ۽ بالا سمجهيو، پنهنجي هر شئي هنن تي مسلط ڪئي. نتيجي ۾ اڄ هيءَ سرزمين اطالوين جي وجود کان پاڪ آهي.

۲۰-۸-۱۹۸۷ع

ـ ناز سنائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪو آهي. جمال ناصر عرب قوم پرستيءَ جي علامت آهي. هن عظيم رهنما متعلق ٻه ڪهڙي جاڻ ڏيڻ ۽ ان تي ٻه هڪ مضمون لکيم. انهن ٻنهي مضمونن کي گڏي هن مجموعي ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. هنن مضمونن جو دور اڄ کان ٢٠-٣٠ سال اڳ جو آهي. ان وقت ۾ عرب دنيا ۾ اهم تبديليون آيون آهن، پر آئون سمجهان ٿو ته هي احوال اڃان به تازو توانو آهي. جيستائين فلسطيني پنهنجي ڌرتيءَ تي واپس نه ورتا ويندا، تيستائين مسئلو ساڳيو ئي رهندو. هنن مضمونن لکڻ ۾ منهنجي فلسطيني دوستن ڊاڪٽر محمودالاعسطل، ڊاڪٽر وضاح المصري، ڊاڪٽر ياسر مرحوم ۽ مصري دوست ڊاڪٽر ابراهيم ابو عمر سنهن جي ڪهڙي مدد ڪئي. آئون انهن جو ٿورائتو آهيان.

آئون اسلم لغاري، اعجاز قريشي ۽ ظفر حسن جو ٿورائتو آهيان جن هن مجموعي شايع ڪرڻ ۾ سنهن جي مدد ڪئي ۽ همٿايو.

**ڄام شورو سنڌ.**

١٠- نومبر ١٩٧٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

ڊاڪٽر سليمان شيخ سان منهنجا تعلقات تمام گهڻا ۽ پراڻا آهن. آئون جڏهن سنه ۷۳-۱۹۷۲ع ڌاري برطانيه ۾ اقتصاديات پڙهي رهيو هوس، تڏهن پاڻ ليبيا ۾ ڊاڪٽري ڪري رهيو هو. انهيءَ دور ۾ منهنجي ۽ ڊاڪٽر سليمان جي پاڻ ۾ خط و ڪتابت رهي. اسان هڪ ٻئي ڏانهن تمام گهڻا خط لکيا. ڀلا ٻئي پنهنجي ڏيهه کان ڏور جو هئاسين. اسان جا خط تمام وڏا ۽ تفصيلي هوندا هئا ۽ ڪيترن ئي صفحن تي مشتمل. ٻنهي ڌارين ملڪن جي حال احوال سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾ حال احوال ڏيندا هئاسين. سچ پچ ته جيڪڏهن اهي خط ڇپائجن ته جيڪر تاريخ جو هڪ وڏو داستان ٿي پوي. انهيءَ ڪري جيئن ته منهنجا سليمان جي هن سفرنامي سان اڻ سڌا سڱ آهن، مون کي هن ڪتاب جي پيش لفظ لکڻ تي خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هن مهل تائين سفر ناما تمام گهٽ لکيا ويا آهن. جيڪي ڪجهه ڪوششون ٿيون آهن، اهي ڇڱيون آهن. سليمان به انهيءَ ڪوشش کي هڪ قدم اڳتي وڌايو آهي ۽ ڪيس انهيءَ لاءِ جس هجي. اڄ ڪلهه جي دور ۾ سفرنامن کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ ادب جي هن صنف کي تمام گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو. ڪهڙي نه سٺي ڳالهه آهي جو اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهڙي طرح سان ڊاڪٽر سليمان اسان جو سفير آهي. هن
ـي اتي رهندي وطن جي جيڪا بـہ ياد ايندي رهي آهي
اها باقاعدي بيان ڪئي اٿس. اتي اڪيلي رهڻ جا احساس
۽ اتي وري اوچتو پنهنجا ساٿي جن سان سندن اڻ مٽ مڱ
آهي ملي وڃن تہ ڪيڏي خوشي ٿيس ٿي.

سليمان لکي ٿو:

”سک ۽ سلامتيءَ جي سرزمين - منهنجي وطن، لطيف جي پونءِ -

سچل سائينءَ جـي بارگاه کـان هزارين ميل پـري
پري هڪ اجنبي ديس ۾ جڏهن عيد ويجهي آئـي،
الائي ڇو من جي سونجهہ وڌي ويئي. خوشيءَ ۽ ڏک
جا بـہ جذبا اهڙا آهن جـن دوران پنهنجي پونءِ،
پنهنجا پڳڙا، پنهنجا مارونڙا — پنهنجا ساٿي يـاد
ايندا آهن.“

صفحو ٤٣

---

”ساٿهو ڇوندا آهن تہ رت جـو رشتو سڀ کان اتم
آهي، پر سان ڇوان ٿو تہ زمين جو رشتو سڀ کان
مٿاهون آهي، منهنجي لاءِ سنڌڙيءَ جـي ڌوڙ چمڻ
لائق آهي.“

صفحو ٤٤

---

"... سائي ڀاڳيءَ جي مڌر آواز ۾:

"تارن سنجهان ترندي وجي،
لوڙهه سنجهان لڙهندي وجي،
دل ڀاروچل، ڀاروچل ٿئي ڪري."

شروع ٿيو ته سنڌ سائينءَ جي مک وڏيڪ سرس ٿي وئي. ستان وري بيدل مسرور بدويءَ جي للڪار: "سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان" ته اصل جاڳ ئي وڌو. ڀار سستيءَ ۾ جوشيلي آواز ۾: "جيئي سنڌ، جيي جيئي جيجل" جنهن ماحول کي سرمستيءَ ۾ آڻي رهيا هئا."

صفحو ٣٤-٤٤

---

"... رستي تان گذرندي سوچيندو رهيس، آخر سنڌ ۾ ڇا آهي؟ هت به سنڌ جهڙا ماڻهو آهن پوءِ ڇو ڀلا آئون انهن کي پنهنجو نٿو سمجهان. سنهنجو ڏنڌو، انسانن جي فرق ڪاڻ ڏاهون آهي. پوءِ آئون اهو ڇو ٿو سوچيان. شايد سنڌوءَ جي پوتر پاڻيءَ جيڪو مون اکين کولڻ سان چکيو آهي يا لطيف سائين جي مڌر بيتن جا بول جيڪي اڻ ٽٽيا هوندي لوليءَ ۾ ٻڌايا هئا، انهن جو سبب آهي، جو سنڌ جو نالو ٻڌي، سنڌي گيت ٻڌي سنهنجا وار ڪانڊارجن ٿا:

تنهنجي مٽيءَ منجهه سلان جي آئون
امرتا پايان، سٽي سائين لايان—"

صفحو ٤٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ۾ آئون ڊاڪٽر سليمان کي سندس هن بهترين ڪوشش تي مبارڪون ڏيان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان ته سندس ٻيا سفرناما به اسان کي جلد پڙهڻ لاءِ ملندا.

اعجاز قريشي

حيدرآباد سنڌ

جنوري ١٩٧٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سِٽاءُ


- ٽڪا مٺا ٻول
- دل ۾ ڌرتي
- پيش لفظ
- مصر جو ملڪ
- سرت منهنجو شهر
- ماڻهو ملڪ ملير جا
- وڻجارن وايون
- ڏُريان ٿي ڏاريان
- پرديس ۾ عيد
- مات ڪريان ته مشرڪ ٿيان
- لَبده جي کنڊرن ۾
- ليبيا جي راڄ ڌاني
- تنجو ۽ عرب
- ليبيا جو ثقافتي انقلاب
- جمال عبدالناصر
- ڪاٿيءَ هيڏان ڪنڌ هوءِ، نعرا نينهن جا
- ليبيا منهنجي نظر ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ب ) ڪاليج آف لا.

هي ٻئي ڪاليج بن غازيءَ ۾ آهن.

( ٻ ) ڪاليج آف سائنس: هن ۾ ۴ سالن لاءِ فزڪس، ڪيمسٽري، باٽني، زولاجي ۽ جيالاجي ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي. هيءُ ۱۹۵۰ع ۾ طرابلس ۾ قائم ڪيو ويو

( ڀ ) فيڪلٽي آف ايگريڪلچر: ۱۹۰۰ع ۾ طرابلس ۾ قائم ڪئي وئي.

( ت ) ميڊيڪل ڪاليج: ۱۹۷۰ع کان طرابلس ۾ شروع ڪيو ويو.

( ث ) نرسنگ ڪاليج: ۱۹۷۱ع کان طرابلس ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

تعليم جا سڀ ذريعا عربيءَ ۾ آهن. ٽيڪنيڪل ڪم انگريزيءَ ۾ ڪاليجن ۾ پڙهايا وڃن ٿا. تعليم طرف ڌيان غلاميءَ ۽ بادشاهي نظام سبب تمام گهٽ پئي رهيو آهي. هاڻي ان طرف ڌيان وڌي رهيو آهي ۽ جلد هيءُ ملڪ پنهنجي ٿورڙن ضرورتن لاءِ پنهنجا ماڻهو پيدا ڪري سگهندو.

سياسي نظريا: هيءُ ملڪ هن وقت جمهوري مملڪت آهي. تازو جولاءِ (۱۹۷۲) جي وچ ڌاري ملڪ ۾ ڪجهه سياسي تبديليون آيون آهن، جن مطابق حڪومت ۾ سول آباديءَ کي شامل ڪيو ويو آهي. هاڻي معمر القذافي ملڪ جي انتظامي ڪائونسل جو صدر آهي ۽ وزير اعظم ميجر عبدالسلام جالود آهي جيڪو قذافيءَ جي انقلابي ڪائونسل جو اهم رڪن آهي. وزارت ۾ ڪجهه شهري ماڻهو به شامل ڪيا ويا آهن. ملڪ ۾ اسلامي نظام رائج آهي. سڀ سزائون

ڪان بچاءَ لاءِ ان شال ۾ سٺين ويڙهي، ڪنهن واريءَ جي ڍڙيءَ جي پاسي ۾ سمهيو رهن.

نئين حڪومت اچڻ سبب ماڻهن ۾ هڪ تبديلي ضرور آئي آهي. ڏو هاڻي ڪنهن به ٻاهرئين کي صرف پنهنجو نوڪر سمجهن ٿا. ان ۾ هو بلڪل صحيح آهن. اڻ پڙهيل اٻوجهه صحرائي به جڏهن ڪنهن ڪم لاءِ ڪنهن غير ملڪيءَ وٽ ويندو ته وڏي رعب سان اهو ڪم ڪرائيندو. ان ڪري ڪنهن به غير ملڪيءَ کي هتي پيرڪوڙڻ تي دل نه چوندي، هتي ملڪيت خريد ڪرڻ تي به پابندي آهي. حڪومت ملڪي ماڻهن کي غير ملڪي ماڻهن تي هر حالت ۾ ترجيح ڏئي ٿي. جڏهن به ڪو پڙهيل ماڻهو ٻاهر اچي ٿو ته هن کي اعليٰ عهدي سان نوازيو وڃي ٿو. ان ريت هيءَ ڏتڙيل قوم هاڻي سک جو ساهه کڻي وڏي عزم سان اڳتي وڌي پئي. وقت پري ڪونهي جڏهن هي ملڪ پنهنجي معاشي ۽ تعليمي ترقيءَ سان دنيا ۾ ممتاز مقام حاصل ڪندو ●

سرت ۱۷- آگسٽ ۱۹۷۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولينڊ جو ۽ هڪ فني ڪارڪن بلغاريہ جو آهي. باقي سارو اسٽاف مصرين تي مشتمل آهي. هتي جي انتظام مطابق جيڪڏهن ڪنهن به اداري جو سربراهہ (مدير) لبيا جو ماڻهو ڪونهي تہ پوءِ ان اداري ۾ سيڪريٽري (سڪريٽير) ضرور لبيا جو هوندو آهي ۽ سڀ انتظامي اختيار ان جي حوالي آهن. نئين نظام جي اها تمام اهم ڳالهہ آهي. ان سبب هتان جي ماڻهن ۾ خودمختياريءَ جو رجحان پيدا ٿيو آهي.

هن شهر جي پرسڪون زندگيءَ ۾ قومي ڏينهن تي هلچل اچي ويندي آهي. هن وقت هن شهر کي ”اول سپٽمبر“ جي ٽين سالگرهہ ملهائڻ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي ●

سرت ١٧- آگسٽ ١٩٧٠ع

سارنگ کي سارين ساڙهو، سرکهه، سينهيون،
آڙيون آيو آسري، تاڙا تنوارين،
سهڻن جي سمونڊ ۾ نٿي سج نهارين،
ٻلر پيارين تہ سنگهارن سک ٿئي.
(شاهہ)

سرت ٩- سپٽمبر ١٩٧٢ع

جي هڪ موٽر ڪار آهستي آهستي هلي پئي، ان جي ڇوڪريءَ (ٻوڇان) هڪ ڪاڏيءَ ۾ مائڪروفون نصب ٿيل هو جنهن ۾ شهر جو هڪ معزز آفيسر هن ڏينهن جي اهميت ۽ قومي غيرت متعلق عام ماڻهن کي ٻڌائيندو هليو. ان جي ٻوليءَ هنن نعرن جا اهي جهنڊا، جن تي ليبيا جي عوام جو اطالوين لاءِ نفرت جو اظهار هو ۽ ان بعد نوجوانن جي ٽولين! هيءَ ٽولي نهايت پياري عربي ڌنون وڄائيندي هلندي رهي ۽ نوجوان وچ ۾ رقص ڪري پنهنجي خوشي جو اظهار ڪندا رهيا. جتان جتان جلوس گذريو ٿي، ماڻهن گهرن مان، دوڪانن جي ڦٽ پيرن تان ”مرحبا مرحبا“ جا نعرا بلند ٿي ڪيا.

هن جلوس مان سرت جون گهٽيون گهمندي الاجي ڇو مون کي سنڌ ياد آئي، جتي جي پيڙيل عوام ساڳئي ڏينهن تي مظلوم عوام جي آواز حيدربخش جتوئي جي سالگرهه پئي ملهائي. مون محسوس ڪيو ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. سنڌ سنهنجي وطن ۾ ان ماڻهو متعلق ڪوبه علم ڪونهي جنهن سڄي حياتي سنڌ جي حقن لاءِ جيلن جون اذيتون سهندي ڪاٽي! پر هتي جو اڻپڙهيل عوام اسان کان ڪيڏو برتر آهي. منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري آيا شايد اهي لڙڪ ندامت جا هئا!

سرت ١٦-١٠-١٩٧٢ع

جي ڌرتي توتي پنهنجو سڀ نوامان“ ته اصل جا ڳاڻي وڏو. يار مستيءَ ۾ جوشيلي آواز ۾ جيئي سنڌ، جيئي جيئي جيجل چئي ماحول کي سرمستيءَ ۾ آڻي رهيا هئا.. ته ادي ممتاز مهر اچي چيو ته ”ادا ٽيپ رڪارڊ بند ڪريو امان کي سنڌ ٿي ياد اچي!!“

خواب ٽٽي پيو، عيد گذري وئي. يارن جو محفلون، ختم ٿي ويون، آئون پنهنجي يارن سان ساڳئي صحرائي رستي لاڙ گذرندي سوچيندو رهيس ”آخر سنڌ ۾ ڇا آهي؟ هت به سنڌ جهڙا ماڻهو آهن پوءِ ڇو پلا، انهن کي آئون پنهنجو نٿو سمجهان منهنجو ڏسندو انسان جسي فرق ڪاڻ مٿانهون آهي. پوءِ آئون اهو ڇو ٿو سوچيان؟“ شايد سنڌوءَ جي پولر پاڻي جيڪو مون اکين کولڻ سان چکيو آهي يا لطيف جي مڌر بيتن جا پول جيڪي امڙ نندي هوندي لوليءَ ۾ ٻڌايا هئا; انهن جو سبب آهي، جو سنڌ جو نالو ٻڌي، سنڌي ڪوٽ ٻڌي، منهنجا وار ڪانڊارجن ٿا.

”تنهنجي مٽيءَ سنجهه سلان جسي آئون امرتا پايان
مٽي ماڻي لايان“

سرت ١٧ – نومبر ١٩٧٢ع

جي علامت طور پاڪستانين لاءِ عربي سکڻ جا ڪورس شروع ڪرايا ويا. آن ڪان اڳ پاڪستانين، ليبين ۽ مصري دوستن جي هڪ ڪڏجاڻي ٿي ان ۾ ڪورس متعلق هڪ خاڪو بنايو ويو هتان جي ثانوي اسڪول جي ڊائريڪٽر ۽ ”قاضي شهر“ هنن ڪورسن لاءِ رهنما استاد بنجڻ قبوليو. طمطراق سان جڏهن ڪورس شروع ٿيو ته پن هفتن اندر ڪلاس جي آدم شماري پن تي وڃي پهتي آهي هتان جي ثقافتي مرڪز جي ڊائريڪٽر شڪايت جي انداز ۾ چيو ته ”آئون پاڪستانين کي ايترو غير جوابدار نه سمجهندو هوس“ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو ۽ آءٌ ڪيس ڇا چوان؟

سرت ۳۱- سپٽمبر ۱۹۷۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاش اهڙو ته سڄو آهي، جهڙو اڄ ڏينهن صحيح حالت ۾ سرابس
واري قسم جي عجائب گهر ۾ محفوظ آهي. ان سان اها خبر
پوي ٿي ته هنن ماڻهن کي لاش ڏي محفوظ ڪرڻ وارو فن
ايندو هو.

سرت ٢٢- جنوري ١٩٧٣ع

خوشي ۽ خريد جو وقت ختم ٿي ويو ۽ اسان نارنگن جي باغن جي سرزمين طرابلس کي الوداع چئي ٻاهر نڪري رهيا هئاسين. عربي موسيقيءَ جي مڌر ڌنن جي هلڪي گونج ۾ چؤگرد ساوڪ واري هن خوبصورت ٻيٽ جو سفر جلد ختم ٿي ويو. وري ساڳيو صحرا آهي، اسان جو خاموش ۽ پرسڪون گهر آهي ۽ اسين.

سرت ٢٦- جنوري ١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪيون وينديون آهن. خطيب ۽ پيش امام سرڪاري مقرر ٿيل آهن. خطيب پنهنجي جمع جي خطبي ۾ سياسي ۽ سماجي حالتن تي اسلامي نقطئہ نظر سان بحث ڪندو آهي. ڪو ڪفر جون فتوائون ڪونہ ڏيندو آهي. اسلام ڪـــي امن، ڀائپي ۽ پيار جو پيغامبر ڪري پيش ڪيو ويندو آهي.

هتي مائٽن ڪي ڏسي اوهان اصلي اسلامي ۽ سوشلسٽ معاشري جو اندازو لڳائي سگهو ٿا ۽ ٽينا هيءَ قوم چند سالن ۾ عظيم قوم بڻجي ويندي.

سرت ٢٨- مارچ ١٩٧٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويون آهن. اهـي ڪميٽيون هن عبوري دور ۾ پـورا اختيار سنڀاليندين ۽ صرف انقلابي قيادت ڏانهن جوابدار هونديون.

(ث) ”اجان الشعبيہ“ عام مائهن جي نمائنده هوندي ۽ نظم و نسق تـي پورو اختيار رکندي. ان ڪان سواءِ شرپسند مائهن کي معاشري مان ڪڍي نٿو سگهجي.

انقلاب جو پروگرام هن ريت آهي:

١- سيني وسيلن کي عام مائهن جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ. هن فقري هيٺ صحت، تعليم ۽ زراعت جي منصوبن تي خرچ ڪري سگهبو.

٢- فڪري بنيادن کي استوار ڪرڻ. عـام مائهن کي اڪري تعليم ڏيڻ.

٣- انقلاب جـي حمايت ڪرڻ ۽ غير ملڪي سرمائيدار ايجنٽن جي پروپئگنڊا ڏانهن ڌيان نـه ڏيڻ جي تلقين ڪرڻ.

٤- هن انقلاب کي اسلام جي طريقي تي هلائڻ.

٥- سيني منصوبن جهڙوڪ زرعي، صنعتي ۽ سماجي ادارن تي ليبيا جي مائهن جو مڪمل قبضو.

مختصر طور اهو خاڪو آهي جنهن تي نئون آئين ۽ قانون پٽل هوندو.

سرت ٢٦- مئي ١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جمال عبدالناصر

قاهره جون گهٽيون هميشه وانگر مصروف آهن. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهي. جڳ مشهور اهرام جو قاهره فرعونن جو يادگار قاهره. زندگيءَ سان ڀرپور قاهره هميشه وانگر جڳ مڳ آهي.

عرب دنيا جا سربراهه اردن جي اندروني خلفشار کي حل ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن. ويڙهيل ڌرين جيڪي صبح جو هٿيار ڦٽي آيا هئا، اهي هڪ ٻئي کي چمين ڏئي رخصت ٿيا ڪن. ناصر اڄ بيحد خوش آهي. ناصر جيڪو مصر آهي، ناصر جيڪو جوانن جي دل جي ڌڙڪن آهي. ناصر جيڪو عرب قوم پرستيءَ جو آدرش آهي.

سڀ عرب سربراهه هن سان گڏ ٿيڻ فخر ٿيا محسوس ڪن! دنيا قاهره ڏانهن ناميدي جي نظرن سان ڏسي پئي. پر ناصر عربن جي دل کي جيتي ورتو آهي رت جي هوليءَ کي بند ڪيو ويو آهي. عمان جون توبون خاموش ٿي ويون آهن.

ناصر اوجاڳي ۽ ٿڪ سان گهر موٽي ٿو ته کيس لڳي ٿو، ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.

شام جي ڇهين وڳي قاهره ريڊيو جي دلڪش آواز ۾ سوڳواري اچي وڃي ٿي ۽ قرآن حڪيم جون آيتون مصر جي سنڌي آواز وارن قارين جي سرن ۾ گونجن ٿيون. اوچتو دنيا کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ”ناصر مري ويو—“ ”مصر جو شينهن مري ويو“— ”عرب اتحاد جو مبلغ مري ويو“—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ پوءِ به —
# نعرا اينهن جا

ٽيهن سال ويٽ نام جي مجاهدن جي ڪاميابيءَ ڪامرانيءَ جو پيغام ڪٿي آيو آهي. ويٽ نام ۾ امن قائم ٿي چڪو آهي، دنيا هقدار جي حق کي تسليم ڪري ڇڏيو آهي. ان سبب هڪ اصول تسليم ٿي چڪو آهي ته ڌرتيءَ تي ڌرتيءَ واسين جو سڀ کان پهريون حق آهي. ڌاريءَ ۽ ڌڪڪ جي طاقتن سان انسان تي حڪومت نٿي ڪري سگهجي، ڌرتي کان منڍي پٽ نشا چڻي سگهجي، ان کان سواءِ اهو به اهو ظاهر ٿيو آهي ته مذهب، رنگ ۽ نسل جي فرق جا سڀئي وقت جا ورڪا پاڻ سان واهي ڇڏيندا.

ساڳي وقت ڏور اوڀر کان دنيا جو ڌيان ڇڪائي هالي ويچ اوڀر طرف ٿيندو رهيو. عظيم چين جي وزير اعظم چو ويتنام جي جاڳرتا جي بحالي تي پنهنجي پيغام ۾ اهڙي جيو آهي ته "هاڻي چين به ترقي ۾ وڌيڪ ڌيان ڏيندو."

ٽيون اوڀر جو سڀئي ڌڪرين جو مسئلو ڪونهي، ڪنهن مذهبي ٽڪتا جو مسئلو ڪونهي، پر اهو ڌرتي تان پنهنجي جڙون تان اکيڙيل انسانن جي ٻهر وطن ورڻ جو مسئلو آهي. هزارين مهاجر پارڻ جو مسئلو آهي ۽ جيڪي بر صغير جي ڪيمپن ۾ ... ٽاڪ پيا آهن ۽ وچڙندڙ ... جو




وچ اوڀر جي جاگرافيائي صورتحال
۲ ۱۹۶۷ء کان اڳ




۱۹۶۷ء واري جنگ کانپوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙن ويڙهن ساڻ ڪماڻ سرمائيدار قوتن منهنجي راهه ۾ تڪليفون ۽ رڪاوٽون وڌيون آهن. مون فيصلو ڪيو آهي— ۽ ان ڏان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي— ته سڀني رڪاوٽن کي تباهه ڪري ڇڏيان ۽ سرمائيدار قوتن جي فوج مشرق واري پهريدار ڪتي کي ماري ڇڏيان جنهن فلسطين ۾ پناهه ورتي آهي. فلسطين جيڪو ڌرتيءَ جو سڀنو جهرڪندڙ ڪڙمين جو وطن آهي.

ننڍا وري مانواري سوت! هيءَ اسان جي زمين آهي. اسان جي قوم آهي ۽ اسان جو مقصد آهي. ڪير به اسان کي روڪي نٿو سگهي. آئون تو وانگر ٿيندس پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد ڪندو رهندس. آئون توکي هيءُ خط لکان ٿيو ۽ شايد آئون نه موٽان پر مون پنهنجو دل سان جاچي ورتو آهي. شال آئون الفتح جي شهيدن جي قطار ۾ شريڪ ٿيان! الفتح جيڪا فلسطين جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ آهي.

سڀني ماڻهن کي جيڪي رائيفل سان سرمائيدار قوتن جي خلاف جدوجهد ڪن پيا منهنجون مبارڪون.

امن جي سڀني عهدنامن تي لعنت—

خدا حافظ

"مازن"

Our Land gre n

Our Battle is a red

Our Eyes are Black & White.

ڪن ٿا. هر ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ فلسطيني هن تنظيم لاءِ پنهنجي پگهار جو هڪ مقرر حصو هر مهيني موڪلي ٿو. ليبيا ۾ ڪم ڪندڙ ستر هزار فلسطيني پنهنجي ڪمائيءَ جو ڏهه سيڪڙو الفتح لاءِ موڪلين ٿا.

ڪيمپن جي حالت: اسرائيل جي قبضي ڪرڻ ڪان پوءِ فلسطيني علائقن ۾ عربن سان ظلمن جا نوان طريقا آزمايا ويا وجن شام جو ستين وڳي کان ڪرفيو لڳايو وڃي ٿو. جنهن جو اطلاق صرف فلسطين تي ٿئي ٿو.

ان کان سواءِ سڄي پاڙي کي مجموعي سزا ڏيڻ، جيل، قيد و بند بکون ۽ موت جون سزائون عام رواج آهن.

سرت ١٧- مارچ ١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”ليبيا منهنجي نظر ۾“

معمرالقذافي جو ملڪ ليبيا، اڄڪلهه دنيا ۾ پنهنجي منفرد حيثيت سبب نهايت مشهور ٿي ويو آهي. ليبيا، اتر آفريڪا ۾ يورپ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. اوڀر ۾ مصر اولهه ۾ تيونس جا ملڪ آهن.

قسمت سان ڪي هن ڏورانهين ڏيهه ڏانهن وڃڻ وٽي، حڪومت پاڪستان سان تيل هڪ فني ڏاهه جي حيثيت تي، پاڪستاني ڊاڪٽر، نرسون، انجنيئر، پرائيويٽ ۽ ٻيا فني ڪارڪن سال ١٩٧٠ع کان هڪ وڏي تعداد ۾ ليبيا وڃڻ شروع ٿيا آهن. هي ملڪ هڪ نئون آزاد تيل ترقي پذير ملڪ آهي جنهن کي قدرت تيل جي وڏن ذخيرن سان نوازيو آهي. اڄڪلهه دنيا ۾ ايران ۽ سعودي عرب کانپوءِ ليبيا سڀ کان وڏو تيل پيدا ڪندڙ ملڪ آهي.

هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مون کي عام ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو. نه صرف ليبيا جي شهرين سان پر ان ڪنسواءِ ٻين به ڪيترن قومن جا فني ماهر مليا. ان سبب دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ طبي ماڻهن جي واقفيت جي جاڻ پئي ۽ ان سان گڏ مختلف ماڻهن جي مزاج، طبيعتن، رواجن ۽ رسمن کي پرکڻ جو موقعو مليو.

ليبيا جي آدمشماري ويهه لک کن ٿيندي. ان مان اٽڪل ١٠ لک ماڻهو سامونڊي ڪناري واري ”ساحلي پٽي“

سنڌ جي ماڻهن سان به هو ڪيترن ئي ڳالهين ۾ مطابقت رکن ٿا. خوش خير عافيت جو اسان جو پراڻو طريقو، ليبيا ۾ به عام آهي - ان ڪانسواءِ ننجڻ ۽ ڏٿ ۽ سٽي وهارڻ جو رواج به ليبيا ۾ اڃان تائين اسان وانگر آهي.

ليبيا جا ماڻهو قربانيءَ ۽ پيارا ماڻهو سدائين ذهن جي ڪتاب ۾ محفوظ رهندا هن ملڪ ۾ جيڪا محبت ۽ خلوص مليو سو سدائين ياد رهندو ●

سرت ۱۶- جنوري ۱۹۷۴ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جي اداري جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. علامہ آءِ. آءِ. قاضي | قاضي فيض محمد | (ختم ٿيل) |
| ٢. ڏکيون جان نہ ميڙن | ناز سنائي | (ختم ٿيو) |
| ٣. ڪچان تان ڪافر | ناز سنائي | (ختم ٿيو) |
| ٤. رڇي جي ريٽو ٿيا | ناز سنائي | ٢٠-٠٠ |
| ٥. ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | ١٥-٠٠ |
| ٦. هاري ڪميٽي ۽ الائي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ١٠-٠٠ |
| ٧. ماءُ ڪاهوڙي هليا | ناز سنائي | ٢٠-٠٠ |
| ٨. منهنجي آڪاڻي | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ٧-٠٠ |
| ٩. زندان جي جهروڪي مان | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ٧-٠ |
| ١٠. چانڊوڪي ۽ زهر | موهن ڪلپنا | ١٢-٠ |
| ١١. زندگي | موهن ڪلپنا | ١٢-٠٠ |
| ١٢. حفيظ شيخ | ناز سنائي | ١٠-٠٠ |
| ١٣. قيد جي ڪهاڻي | ناز سنائي | ٢٠-٠٠ |

گهرائڻ لاءِ لکو:

**پوسٽ باڪس نمبر ١٩،**

جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب جو معياري رسالو

# ڪينجهر

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ طرفان؛ سنڌ ادب جي اُڃايلن جي ادبي اُڃ اُجهائڻ لاءِ 'ڪينجهر' ڪتابي سلسلي جي شروعات ڪئي وئي آهي. جنهن جو پهريون پرچو ٻه سؤ کان وڌيڪ صفحن تي مشتمل شايع ٿي چُڪو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي پنجاهه کان وڌيڪ ناميارن ليکڪن جون لکڻيون شايع ڪيون ويون آهن. جنهن کي سنڌ جي سمورن ليکڪن ۽ پڙهندڙن ساراهيو آهي. ٻيو پرچو به شايع ٿي رهيو آهي. پهريون ڪتاب گهرائڻ ۽ مواد موڪلڻ لاءِ رابطو قائم ڪريو:

پوسٽ باڪس نمبر ١٩،
جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجههَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اَٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)